# ٻارن لاءِ بائبل
## تحفو

# خُدا جو ابراهام سان واعدو



لکيل ٻاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Byron Unger; Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: M. Maillot; Tammy S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ڇاهيل ٻاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.





ٻوڏ جي اچڻ کان گھڻو پوءِ، زمين تي ماڻهن هڪ منصوبو ٺاهيو. "سڀ هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندا هئا هنن پاڻ ۾ چيو" "اسين هڪ عظيم شهر ٺاهينداسين جنهن ۾ هڪ ٽاور آسمان تائين هوندو،".
اڇو ته هميشه گڏ رهون.

خُدا چاهي ٿو ته ماڻهو سڄي دنيا ۾ رهن جيڪي هن ٺاهيو هو. تنهنڪري هن ڪجهه خاص ڪيو. اوچتو، ماڻهن جي گروپ مختلف طرح سان ڳالهايو. خُدا کين نئين ٻولي ڏني.



3

سوجيڪي هڪ ٻئي جي ساڳي ٻولي ڳالهائيندا هئا، اهي گڏجي هليا ويا. شايد ماڻهو ٻين کان ٻچند هئاجنن کي اهي سمجهي نه سگهندا هئا. اهڙيءَ طرح خُدا مختلف ملڪن ۾ ماڻهن کي گڏ ڪيو. جنهن شهر



کي هنن چڏي ڏنو ان کي بابل سڏيو ويو، جنهن جي معنيٰ مونجهارو.

4

ڪيترنئي سالن کان پوء، ڪسدين جي اور نالي هڪ جاء تي، خُدا ابرام نالي هڪ شخص سان ڳالهايو. "هيءَ زمين ڇڏي ڏي،" خُدا حڪم ڏنو. "وڃ، اُنهي زمين تي جيڪا توکي ڏيکاريندس."



5

ابرام خُدا جي اطاعت ڪئي. خُدا کيس ڪنعان ڏانهن وٺي ويو. سندس زال ساره ۽ ڀائٽيو لوط ساڻس گڏ ويا.



6

۽ ڪنعان ۾، ابرام ۽ لوط ٻئي امير ٿي ويا. هنن وٽ ڍورن جا وڏا ڌڻ هئا. ايتري قدر جانورن لاءِ چراگاهه به نه رهيو.



7

لوط جي ڌاڙيلن ۽ ابرام جي ڌاڙيلن ۾ تڪرار ٿيو.لوط "ڪابه تڪليف نه ٿئي،" ابرام چيو. "اسان الڳ ٿي ويندا سين. ، توهان پهرين پنهنجي پسند جي زمين جي چونڊ ڪريو."



8


لوط هڪ وڏو گاهه وارو ميدان چونڊيو
جيڪو شهرن ۽ ڳوٺن سان پريل هو. اهو
سٺو لڳندو هو. پر شهر ڏاڍا بڇڙا هئا.
9


لوط جي وڃڻ کان پوء، خُدا ابرام سان پيهر
ڳالهايو. "مان توهان کي ۽ توهان جي ٻارن
کي هميشه لاء ڪنعان جي سڄي زمين ڏيان
ٿو." ابراهام ۽ ساري کي ڪوبه اولاد نه هو.
خُدا ڪيئن
پنهنجو عظيم
واعدو پورو
ڪري
سگهي ٿو؟
10


خُدا وٽان ٽي ماڻهو ابرام ۽ ساري وٽ
آيا. "توکي جلد ئي ٻار ٿيندو،" هنن چيو. ساري کلڻ لڳي.
هوءُ خُدا جي پيغام کي نه مڃين. هوءُ نوي سالن جي هئي.
11


خُدا ابرام کي ٻڌايو ته هو هاڻي ابراهام سڏيو ويندو
"گهڻن جو پيء" ۽ ساري ٿيندي ساره "شهزادي".
12


خُدا ابراهام کي ٻڌايو هو
ته هو سدوم ۽ عموره جي
ٻن بڇڙن شهرن کي تباهه
ڪندو. ابراهام جو ڀائٽيو
لوط پنهنجي خاندان سان گڏ
سدوم ۾ رهندو هو.
13


لوط خُدا جي ڳالهه تي
ايمان آندو جڏهن هوُ
آيو، پر سندس ڌيئرن
جي مڙسن سدوم ڇڏڻ
کان انڪار ڪيو.
ڪيڏو افسوسناڪ
هو! ته انهن خُدا جي
ڪلام کي نه مڃيو.
14

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته کيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽ گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساٿس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۀ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽ منهنجي گناهن لاءِ مري ويوۀ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءِ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڑهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.